# ٻه اکر

هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران جن تحقيقي جرنلن کي مڃتا مليل آهي، يعني Recognized ٿيل آهن، انهن ۾ سنڌي، بلوچي، پنجابي سرائڪي ۽ پشتو ٻولين جا جرنل 'Y' ڪيٽيگري ۾ رکيا ويا آهن. ان جو سبب اهو اهي ته آهي ڪنهن عالمي اداري وٽ Indexation لاءِ رجسٽرڊ ٿيل ڪونهن. اهي عالمي ادارا انگريز، فرينچ، جرمن، اسپيني، ڊچ ٻولين جي ماهرن تي مشتمل آهن، تنهن ڪري اهي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ شايع ٿيندڙ يا آن لائن جنرلن جي Indexation ڪن ٿا، ۽ اهي انهن جي ويب سائيٽ تي هڪيا تڪيا مهيا ٿيل آهن ۽ انهن جي درجابندي ٿيل آهي. هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اهڙن جرنلن جي فهرست به مهيا ٿيل آهي، جن کي .H.E.C معياري جنرلن طور مڃي ٿي.

پاڪستان ۾ اردو ٻوليءَ ۾ جيڪي جرنل شايع ٿين ٿا، تن جي پڻ مقتدره قومي زبان جو ادارو Indexation ڪري ٿو. نتيجي ۾ انهن جي معيار کي بهتر سمجهندي، اهڙن جرنلن کي سندن معيار موجب اعليٰ ڪيٽيگري عطا ڪئي وڃي ٿي. اسان به ڪوشش ڪئي ته ڪو اهڙو ادارو هجي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي Indexing ڪري، ان ڪم لاءِ اسان سنڌي ٻولي اختياري جو نالو H.E.C کي تجويز ڪيو هو، پر هنن ان جي بدران علامه اقبال يونيورسٽي اسلام آباد کي اها ذميداري ڏني. واسطيدار ٽيم اهو ڪم شروع ڪيو ۽ سنڌي، جرنلن ۾ سڀ کان پهرين ڪلاچيءَ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو. اڌ کان وڌيڪ ڪم ٿي چڪو هو، جڏهن علامه اقبال يونيورسٽي معاوضي جي طلبي ڪئي ته H.E.C کين گهربل رقم فراهم نه ڪئي، نتيجي ۾ ڪم ڪندڙ ٽيم پنهنجو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. ان دؤر ۾ پروفيسر محمد سليم ميمڻ 'ڪلاچي' جو ايڊيٽر هو. پاڻ ان ڏس ۾ .H.E.C ۽ علامه اقبال يونيورسٽيءَ جي ٽيم سان لهه وچڙ ۾ آيا ۽ ڪم کي وڌائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر .H.E.C مالي وسيلن جي کوٽ جو سبب ڄاڻائي وڌيڪ رقم جي ادائيگي کان نه ڪئي ۽ اهڙيءَ ريت اهو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو. جيڪڏهن اهو ڪم مڪمل ٿي وڃي ها ته سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي جرنلن جي درجابنديءَ ۾ واڌارو ۽ سُڌارو اچي ها، جيڪو رهجي ويو.

منهنجي خيال ۾ اهڙن سيني سنڌي جرنلن جي ايڊيٽرن کي جيڪي .H.E.C پاران منظور ٿيل آهن، تن کي گڏجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ .H.E.C/ سنڌ سرڪار / ثقافت کاتي کي درخواست ڪجي ته ان ڪم لاءِ فنڊ مختص ڪن ته جيئن رُڪيل ڪم اڳتي وڌي ۽ سنڌي جرنل به اهو مانُ ماڻين جنهن جا هو مستحق آهن.

**پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين**

ايڊيٽر